SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2007
SINDH ACT NO.III OF 2007

سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007
THE SINDH SPEAKER AND DEPUTY SPEAKER (SALAIRES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2007

(CONTENTS) فهرست

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. 1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعه 7 جي ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act No.VII of 1975

3. منسوخي
Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2007
SINDH ACT NO.III OF 2007
سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007
THE SINDH SPEAKER AND DEPUTY SPEAKER (SALAIRES, ALLOWANCES AND PRIVILEGES) ACT, 2007

[24 آڪٽوبر 2007]

ايڪٽ جنھن ذريعي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت جوڙجي نافذ ڪيو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1.(1) هن ايڪٽ کي سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 2007 سڏيو ويندو.

(2)هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

1975 جي سنڌ ايڪٽ نمبر VII جي دفعہ 7 جي

2. سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگھارون، الائونسز ۽ مراعتون) ايڪٽ، 1975 ۾، دفعہ 7 لاءِ هيٺين ريت متبادل ٿيندو:

ترميم
Amendment of section 7 of Sindh Act No.VII of 1975

“7.(1) اسپيڪر کي سرڪار جي خرچ سان سرڪاري ڪار جي استعمال جي سهولت ڏني ويندي.

(2) ڊپٽي اسپيڪر کي سرڪار جي خرچ سان سرڪاري ڪار جي استعمال جي سهولت ڏني ويندي.

منسوخي
Repeal

3.سنڌ اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جون (پگهارون، الائونسز ۽ مراعتون) آرڊيننس، 2006 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.